(سنڌي)

# ناراضگين جو علاج




شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامه و مولانا ابو بلال

**محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برڪاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفکر بيروت)

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت



رسالي جو نالو: ناراضگين جو علاج

ڇاپو پهريون: شعبان المعظم 1446 هه فيبروري 2025ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريدڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

# ناراضگين جو علاج

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

7213**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext.

**Email:** translation@dawateislami.net

# ناراضگين جو علاج

**عطار جي دعا:** ياربَّ الۡمُصطفيٰ ! جيڪو بہ 27 صفحن جو رسالو”ناراضگين جو علاج“ پڙهي يا ٻُڌي ڇڏي اُن کي دنيا ۽ آخرت جي رنج ۽ غم کان بچاءِ ۽ ٻنهي جهانن جون خوشيون نصيب فرماءِ. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم :”اللّٰه پاڪ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملاقات ڪن ۽ هٿ ملائن ۽ نبي ڪريم (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي درود موڪلِن تہ انهن جي جدا ٿيڻ کان پهريان اُنهن جا اڳيان پويان گناهہ بخشيا ويندا.“ (مسند ابو يعلى ج 3 ص 95 حديث 2951)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## امام حسن ۽ امام حسين جي صُلح جو ايمان افروز واقعو

صحابي نبي حضرت ابو هريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: مون کي معلوم ٿيو امامِ حسن ۽ امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُمَا جي وچ ۾ ڪا ناراضگي ٿي پئي آهي تہ مون رسول اللّٰه جي ڏوهٽي امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کي عرض ڪيو: ماڻهو توهان ٻنهي صاحبَن کي پنهنجو پيشوا (يعني سردار) مڃن ٿا: توهان پنهنجي ڀاءُ حضرت امام حسن رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ وٽ وڃي ڪري اُن سان صلح ڪري وٺو چو تہ توهان ان کان عمر ۾ بہ ننڍا آهيو. انهيءَ تي حضرت امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمايو: جيڪڏهن مون رسولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي فرمان عاليشان نہ ٻڌو هجي ها تہ (صُلح ۾) اڳرائي ڪرڻ وارو جنت ۾ پهريان ويندو. (الزهد ص 253 حديث 726) تہ مان ضرور ان جي خدمت ۾ حاضر ٿيان ها پر مان اهو پسند نٿو ڪيان تہ اُنهن کان پهريان جنت ۾ وڃان. حضرت ابو هريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا تہ مان حضرت امام حَسَن رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ وٽ حاضر ٿيس

۽ انهن ڪي سچو واقعو ٻڌايو تہ رسول الله جي ڏوهٽي حضرت امام حسن رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمايو: صَدَقَ اَخِيَ: ”يعني منهنجي ڀاءُ سچ چيو“ پوءِ پاڻ اٿيا ۽ پنهنجي ڀاءَ حضرت امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ وٽ اچي ڪري صُلح ڪئي . الله ربُّ العزّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ.

صدقہ حَسن حُسین کا یا ربِّ مصطفٰے
کردے مُعاف ہر خطا یا ربِّ مصطفٰے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## جنَّت ڏانهن اِڱرائي ڪرڻ جو نسخو

اي عاشقانِ صحابہ واهلِ بيت! هن ايمان افروز واقعي مان درس مليو تہ جيڪڏهن ڪنهن سان ناراضگي ٿي بہ وڃي تہ اسان کي دل مضبوط جهلي صُلح ڪرڻ لاءِ ڀهريان اڳتي وڌڻ گهرجي، منهنجي آقا اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہِ هڪ ڀيري پاڻ ۾ ناراض ٿيل ڀائرن کي پاڻ ۾ صُلح ڪرڻ جي ترغيب ڏيندي فرمايو: توهان ٻنهي مان جيڪو ملڻ (يعني صُلَح ڪرڻ) ۾ اڳرائي ڪندو اهو جنت ڏانهن اڳرائي ڪندو.

(حياتِ اعلیٰ حضرت ج ١ ص ٣٥٨ مان خلاصو)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## شيطان پاڻ ۾ ويڙهائيندو آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! شيطان مَردُود مسلمانن ۾ جُدائي وجهرائيندو، ويڙهائيندو ۽ قتل و غارت ڪرائيندو آهي وڏيڪ انهن کي صُلَح (PEACE) تي آمادو ٿي ناهي ٿيڻ ڏيندو. بلڪ ايئن بہ ٿيندو آهي تہ ڪو نيڪ دل شخص وچ پئجي ڪري صُلَح ڪرائي بہ ڇڏي تڏهن بہ قسم قسم جا وَسوا وجهي ڪري انهن کي اُڪسائيندو ۽ ڀڙڪائيندو آهي.

شيطان مڪار جي وار ڪان خبردار ڪندي سيپاري 15 سُورَةُ بَنِي اسرائيل جي 53 آيت ۾ الله پاڪ ارشاد فرمايو آهي:

اِنَّ الشَّيْطٰنَ يَنْزَغُ بَيْنَهُمْ

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ شيطان ماڻهن جي وچ ۾ فساد وجهي ڇڏيندو آهي .
الله پاڪ سيپارو 7 سورت المائده آيت 91 ۾ فرمائي ٿو:

اِنَّمَا يُرِيْدُ الشَّيْطٰنُ اَنْ يُّوْقِعَ بَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةَ وَ الْبَغْضَآءَ فِي الْخَمْرِ وَ الْمَيْسِرِ

ترجمو ڪنزالعرفان: شيطان ته اهوئي چاهي ٿو ته شراب ۽ جوا جي ذريعي توهان جي وچ ۾ دشمني ۽ بغض ۽ ڪينو وجهي ڇڏي.

## سڀ صُلَح و صفائي سان رهو

جن گهرن ۾ پاڻ ۾ ناراضگين جو سلسلو هجي، ماءُ ڌيءُ، پيءُ پٽ، ياءُ ڀيڻ، سَس نُنهن، ٽِان ڀاجائي ۽ ٻين رشتيدارن ۾ پاڻ ۾ ناراضيون هجن، پاڙيسرين سان اَڻبَڻت هجي، دوستن ۾ جهيڙو ٿي پيو هجي، خاندان ۽ قبيلا پاڻ ۾ ٽڪرائجي ويا هجن، بازار ۾ جيڪي دڪاندار هڪ ٻئي کي ڪٽڻ ۾ مصروف هجن انهن سيني مسلمانن کي الله پاڪ جي رضا جي لاءِ پڪي صُلَح ڪري ملي جُلي ڪري شيطان جي ڏار وجهڻ واري تباه ڪار وار کي بيڪار بڻائڻ گهرجي، بيشڪ پاڻ ۾ جهيڙن ۾ دنيا ۽ آخرت جا بيشمار نقصان آهن.

جيڪي عاشقانِ رسول هي رسالو آخر تائين پڙهي يا ٻڌي وننداته اِنْ شَآءَ الله پاڻ ۾ ناراضين ڪان بچڻ ۽ معافي ۽ درگُذر ڪان ڪم وٺڻ جو ذهن بڻجي ويندو.

## ڪاوڙ فساد جي پاڙ آهي

ڳالهه ڳالهه تي جذبات ۾ اچڻ وارو ڪاوڙ ڪندڙ شخص گهڻو ڪري فسادَن جو باعث بڻجي ويندو آهي، ڪاوڙ ڪرڻ وارن کي خبردار ٿي وڃڻ

گهرجي تہ نَفس جي سبب اچڻ واري غصي ۾ بي قابو ٿي ڪري الله ڪريم جي نافرماني وارو ڪم ڪري ڪٿي جهنَّم جي اُونهي ڪَڏي ۾ نہ وڃي پون.

## ڪاوڙ جي تعريف (DEFINITION)

غضب يعني"ڪاوڙ" جي معنيٰ آهي: ثَوَرَانُ دَمِ الْقَلْبِ اِرَادَةَ الْاِنْتِقَام۔ يعني " بدلو وٺڻ جي ارادي جي سبب دل جي رت جو ٿهڪَڻُ" (المفردات ص 608) حضرتِ الحاج مفتي احمد يار خان رَحْمَةُاللهِعَلَيْهِ فرمائن ٿا: غَضَب يعني غُصّو نفس جي ان جوش جو نالو آهي جيڪو ٿئي ڪان بدلو وٺڻ يا ان کي دَفْع (يعني دور) ڪرڻ تي پڙڪائي. (مرآة المناجيح ج ٦ ص ٦٥٥)

## جهنَّم جو مخصوص دروازو

الله پاڪ جا پيارا پيارا سيني ڪان آخري نبي، محمَّدِ عَرَبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: جهنَّم جو هڪ دروازو آهي، جنهن مان اهي ئي ماڻهو داخل ٿيندا جن جي ڪاوڙ الله پاڪ جي نافرماني ڪان پوءِ ئي ٺڏي ٿيندي آهي.

(شعب الايمان ج٦ ص ٣٢٠ حديث ٨٣٣١)

سن لو! نقصان ہی ہوتا ہے بالآخر اُن کو
نَفْس کے واسطے "غصہ" جو کیا کرتے ہیں

(وسائل بخشش ص ٢٩٤)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مالڪ بن دينار جي ڪاوڙ پي وڃڻ جي برڪت (واقعو)

حضرتِ مالڪ بن دينار رَحْمَةُاللهِعَلَيْهِ هڪ گهر ڪرائي(يعني رينٽ. RENT) تي ورتو. اُن گهر سان بلڪل گڏ هڪ يهودي جو گهر هو. اهو يَهُودي دشمني جي بنياد تي "نيساري "جي ذريعي گندو پاڻي پاڻ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي مبارڪ گهر تي ڪيرائيندو رهندو هو پر پاڻ خاموش رهندا هئا، آخرڪار هڪ ڏينهن

هُن پاڻ ئي اچي عرض ڪيو: جناب منهنجي نيساري مان ڪِرڻ واري گندگيءَ جي ڪري توهان کي ڪا شڪايت تہ ناهي؟ پاڻ وڏي نرمي سان فرمايائون: ”نيساري مان جيڪا گندگي ڪرندي آهي اُن کي بُهارو ڏئي ڌوئي ڇڏيندو آهيان“ ان چيو: توهان کي ايتري تڪليف هجڻ باوجود ڪاوڙ ناهي ايندي؟ فرمايائون: ايندي تہ آهي پر پي ويندو آهيان ڇو تہ (قرآن ڪريم جي سيپاري 4: آيت 134۾) خداءِ رَحمٰن جو فرمان عاليشان آهي:

وَ الْكٰظِمِيْنَ الْغَيْظَ وَ الْعَافِيْنَ عَنِ النَّاسِ وَ اللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ

ترجمو ڪنزالايمان: ڪاوڙ پيئڻ وارا ۽ ماڻهن کان درگذر ڪرڻ وارا آهن ۽ اللّٰه نيڪ ماڻهن سان محبت فرمائيندو آهي.

جواب ٻڌي ڪري يَهُودي مسلمان ٿي ويو. (تذکرۃ الاولیاء ص۲۵)

نگاہ ولی میں وہ تاثیر دیکھی
بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪاوڙ سان بُغض ۽ ڪينو پيدا ٿيندو آهي

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو توهان! نرمي جون ڪيتريون برڪتون آهن ! نرمي مان مُتَاَثّر ٿي ڪري اهو يَهُودي مسلمان ٿي ويو. ڪاوڙ جي تباه ڪارين مان هڪ هي بہ آهي تہ اُن سان بُغض ۽ ڪينو (يعني عداوت ۽ دشمني) پيدا ٿيندي آهي جنهن سان ڪنهن وقت قتل و غارت گري تائين بہ نوبت پهچي ويندي آهي.

## ڪيني جي تعريف (DEFINITION)

اَلْحِقْدُ: اَنْ يُّلْزِمَ نَفْسَهُ اسْتِثْقَالَ اَحَدٍ وَّ النِّفَارَ عَنْهُ، وَلْبُغْضَ لَهٗ وَ اِرَادَةَ الشَّرِّ. يعني: ”ڪنهن شخص جي خلاف دل ۾ نفرت، ناپسنديدگي ۽ دشمني ۽ بُغض رکڻ ۽ ان جو بُرو چاهڻ ڪينو چورائيندو آهي.“ (الحدیقۃ الندیہ ج۳ ص ۴۸)

ڪيني ۽ دشمني جون تباھ ڪاريون پڙھو ۽ خوفِ خدا سان ڪَنبِي وڃو:

## مغفرت ۾ رڪاوٽ

مشھور صحابي حضرتِ ابوھريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ بيان فرمائن ٿا: تہ سرڪارِ دو عالم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ھدايت نشان آھي: ”ماڻھن جا اعمال ھرھفتي ۾ بہ ڀيرا پيش ڪيا ويندا آھن يعني سومر ۽ خميس جي ڏينھن، پوءِ دشمني رکڻ واري ٻن ڀائرن کان علاوه ھر مؤمن کي بَخشيو ويندو آھي ۽ چيو ويندو آھي: انھن ٻنھي کي ڇڏي ڏيو ايسيتائين جو ملي وڃن“

(مسلم ص ١٣٨٨حديث ٢٥٦٥)

## دشمني رکڻ واري جي شامت

صَحابيِ نبي حضرت مُعاذ بن جَبَل رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آھي تہ نبين جي سردار، مڪّي مَدَني سرڪار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آھي: ”شعبانَ جي پندرھين جي رات ۾ الله پاڪ پانھن ڪي رَحمت جي نظر سان ڏسندو آھي ۽ سيني کي بخشي ڇڏيندو آھي پر مُشرِڪ ۽ دشمني رکڻ وارو ناھي بخشيو ويندو“. (ابن ماجه ج2 ص 161 حديث 1390)

## بغير شرعي وجہ جي قَطع تَعلّق گُناه آھي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! شريعت جي حڪم کان بَغير صرف ذاتي ناراضي جي سبب مسلمانن جو ھڪ ٻئي سان تعلقات ختم ڪري ڇڏڻ گناھ ۽ حرام ۽ جھنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آھي. جيتوڻيڪ اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحْمَۃُاللہِ عَلَیْہِ فرمائن ٿا: ”مسلمان سان بغير شرعي سبب جي ڪينو ۽ بُغض رکڻ حرام آھي ۽ بَغير مَصلَحَتِ شَرعِيَّہ جي ٽي ڏينھن کان وڌيڪ سلام ۽ ڪلام(يعني سلام ۽ ڳالھ ٻولھ ڇڏي ڏيڻ) بہ حرام آھي“. (فتاوی رضويه ج 6 ص 526) حضرت ابوھريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آھي تہ الله ڪريم جي پياري نبي، مَڪّي مَدَني صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آھي: ”ڪنھن مسلمان جي لاءِ جائز ناھي تہ پنھنجي ڀاءُ کي ٽن ڏينھن کان

وڏيڪ چڙي، جنهن ٽن ڏينهن کان وڏيڪ چڙيو ۽ مري ويو ته **جهنّم ۾ داخل ٿيو**". (ابودٰوٗد ج ۴ ص ٣٦۴ حديث ٣٩١۴)

## ٽن قسمن جا ماڻهو

صحابي ابن صحابي حضرت عبدالله ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا فرمائن ٿا: ته الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "ٽن قسمن جي ماڻهن جون نمازون انهن جي مٿي کان هڪ گرانٽ به مٿي ناهن چڙهنديون(1) قوم جو اهو امام جنهن کي ماڻهو ناپسند ڪندا هجن، (2) اُها عورت جنهن رات ان حالت ۾ گذاري جو مڙس ناراض هجي، (3) اهي 2 ڀاء جيڪي (شريعت جي اجازت کان بغير) پاڻ ۾ ناراض هجن. (ابن ماجه ج 1 ص 516 حديث971)

## عيب لڪائڻ جي فضيلت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! بغير اجازتِ شرعي پاڻ ۾ ناراضگيءَ جي سبب عمومًا ٻنهي طرفن جي افراد جي درميان (يعني پاڻ ۾) بدگمانين، غيبتُن، چغلين ۽ تهمتن وغيره جهڙن جهنم ۾ پهچائڻ وارن گناهن جو رهندو آهي، پاڻ ۾ ناراضگين جي ڪري هڪ ٻئي جا عيب ظاهر ڪرڻ جو گناه به ڪيو ويندو آهي، تنهنڪري سخت احتياط جي ضرورت آهي. جيڪڏهن ڪنهن مسلمان جو عيب معلوم ٿي وڃي ته ان کي لڪائڻ ضروري آهي. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه مسلمان جي عيب کي لڪائڻ ۾ وڏو ثواب ملندو آهي، جيئن ته حضرت عقبه بن عامر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: "جنهن ڪنهن جو لڪيل عيب ڏسي ڪري ان کي لڪايو ته ڄڻ ان زنده دفن ڪيل ٻارڙيءَ کي جيئرو ڪيو".

(معجم اوسط ج 1 ص 97 حديث(8133)

## عيبَ جي وضاحت!

حضرت الحاج مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہِ هن حديث پاڪ جي جيڪا وضاحت فرمائي آهي ان مان حاصل ٿيندڙ مدَني گل پيش خدمت آهن:

۞ اهو عيب جيڪو ڪنهن مسلمان جي حق سان تعلق نہ رکي ۽ هي شخص ان کي ماڻهن کان لِڪائڻ چاهيندو هجي، ڪجهه شارحين (يعني حديثن جي شرح ڪرڻ وارن عالمن) فرمايو تہ ان مان مُراد مسلمان مرد يا عورت جو سَتر آهي يعني ڪنهن کي اگهاڙو ڏسي تہ ڪپڙو پارائي ڇڏي، ٿي سگهي تہ ٻئي مُراد هجن ۞ اهڙيءَ طرح جو (ڪنهن جو عيب ڏسي ڪري) پاڻ انهيءَ کي چئي ڇڏي تہ ڏس! آئنده اهڙي حرڪت نہ ڪجان نہ تہ تنهنجو خير نہ هوندو ۽ ماڻهن کان(ان جو عيب) لِڪائي ڇڏي تہ جيئن تبليغ بہ ٿي وڃي ۽ مسلمان جي پرده پوشي بہ پر جيڪڏهن هي شخص ڪنهن (جي) قتل يا (ڪنهن کي) نقصان (پهچائڻ) جي خُفيہ سازش ڪري رهيو آهي تہ ضرور ان جي اطلاع اُن (يعني جنهن کي هي نقصان پهچائڻ چاهي ٿو)کي ڏئي ڇڏي تہ جيئن هو نقصان کان بچي سگهجي يا جيڪڏهن هي شخص عادي مجرم بڻجي چڪو آهي تہ اُن جو اعلان ڪري ڇڏي. لهذا هن فرمانِ عالي جو اهو مقصد ناهي تہ لِڪيل چور، قاتل جا جُرم لڪايو، حُضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان نهايت ئي جامع هوندو آهي ۞ يعني ان پرده پوشي (يعني عيب لِڪائڻ) جو ثواب ائين آهي جيئن ڪنهن زِنده دفن ٿيل ٻارڙي کي قبر مان ڪڍي ڪري ان جي جان بچائڻ جو تہ مسلمان جي آبرُو (يعني عزت) ان جي جان وانگر قابلِ احترام آهي. بهرحال مسلمان جي ويندڙ عزت بچائڻ وڏو ثواب آهي پر اهي قيد(يعني وضاحتون) جيڪي اسان بيان ڪيون آهن اهي خيال ۾ رهن.

## مسلمان ڪيئن هجڻ گهرجي؟

صَحابي ابنِ صحابي حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ الله پاڪ جي پياري پياري سيني ڪان آخري نبي، مَڪّي مدَني، محمَّد عرَبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اِرشاد فرمايو: هڪ مسلمان ٻي مسلمان جو ڀاءُ آهي، نہ اُن تي ظلم ڪندو آهي نہ ان کي ٻي يارو مددگار ڇڏيندو آهي. ۽ جيڪو پنهنجي ڀاءُ جي حاجت(يعني ضَرورت) پوري ڪري الله پاڪ ان جي حاجَت

(يعني ضرورت) پوري ڪندو آهي.  ۽ جيڪو ڪنهن مسلمان جي تڪليف پَري ڪري الله پاڪ قيامت جي تڪليفن مان ان جي تڪليف پري فرمائيندو . ۽ جيڪو ڪنهن مسلمان جي عيب پوشي ڪري (يعني عيب لِڪائي) تہ الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان جي عيب پوشي فرمائيندو(يعني عيب لِڪائيندو) . (مسلم ص 1394 حديث6580 )

## عيب لڪايو جنت ماڻيو!

صحابي رسول حضرت ابو سعيد خُدري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ الله جي سيني کان آخري نبي حضرت محمد عربیٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان جنت نشان آهي : ”جيڪو پنهنجي ڀاء جو عيب ڏسي ۽ ان کي لڪائي تہ ان کي جنت ۾ داخل ڪيو ويندو. (مسند عبد بن حميد ص 279 حديث 886)

## جڏهن جهيڙو پڪو ٿي وڃي

پاڻ ۾ ناراضگيءَ جي ڪري گهڻو ڪري هڪ ٻئي جي غيبت ڪئي ويندي آهي، غيبت گناهِ ڪبيره، حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. جڏهن دلين ۾ ناراضگي اثر ڄمائيندي آهي ۽ پاڻ ۾ لڙائي ٿي پوندي آهي تہ غيبتن ۽ تهمتن جو طوفان اُٿلي پوندو آهي ۽ غيبت ڪرڻ ۽ ٻڌڻ وارن کي جهنم جي طرف ڌِڪيو ويندو آهي. ان حوالي سان نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ٻہ فرمانَ ٻڌو ۽ خوفِ خدا کان لرزي وڃو:

## (1) غيبت جو عذاب

مان شبِ معراج اهڙن ماڻهن وٽان گذريس جيڪي پنهنجي چهرن ۽ سينن کي ٽامي جي ننهن سان رَهڙي رهيا هئا، مون پڇيو: اي جبريل! هي ڪير آهن؟ عرض ڪيائين: هي ماڻهن جو گوشت کائيندا هئا (يعني انهن جي گِلا ڪندا هئا) ۽ انهن جي عزت خراب ڪندا هئا .

(ابوداود ج 4 ص 353 حديث(4878 )

## غيبت جي معنيٰ (DEFINITION)

ڪنهن (زنده يا مرده) شخص جي پوشيده (يعني لِڪيل) عيبن ڪي (جن ڪي هو ٻين جي سامهون ظاهر ٿيڻ ڪي پسند نہ ڪندو هجي) ان جي برائيءَ ڪرڻ لاءِ بيان ڪرڻ . (بهارشريعت ج ٣ ٥٣٢)

## (2) تهمت جو عذاب

جيڪو شخص ڪنهن مسلمان تي بهتان(يعني تهمت هڻي) يعني اهڙي ڳالهہ چوي جيڪا ان ۾ نہ هجي تہ الله پاڪ ان ڪي رَدْغَةُ الخبال ۾ رکندو جيستائين هو پنهنجي چيل ڳالهہ مان نڪري نہ وڃي. (ابوداؤد ج ٣ ص ٤٢٧ حديث ٣٥٩)

(رَدْغَةُالخبال جهنم ۾ هڪ جاءِ آهي جتي دوزخين جو رت ۽ پونء جمع ٿيندو) بيان ڪيل حديث پاڪ جي هن حصي"ايستائين جو هو پنهنجي چيل ڳالهہ مان نڪري وڃي جي معنيٰ بيان ڪندي حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا: يعني ان گناهہ کان توبهہ جي ذريعي ان مان نڪري وڃي يا جنهن عذاب جو اهو حقدار بڻجي چڪو آهي ان ڪي پوگڻ کان پوءِ (تهمت جي گناهہ کان) پاڪ ٿي وڃي. (اشعة اللمعات ج ٣ ص ٢٩٠)

## بد دعا ڏيڻ انتقام آهي

ياد رکو! پاڻ تي ظلم ڪرڻ واري ڪي بد دعا ڏيڻ انتقام (يعني بدلو) وٺڻ آهي. مُحَمَّدٌ رَّسُولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: "جنهن ظالم ڪي بد دعا ڏني ان پنهنجو بدلو وٺي ڇڏيو." (ترمذي ج ٥ ص ٣٢٤ حديث ٣٥٦٣)

## جهڳڙي ڪان بچڻ جي فضيلت

پنهنجي نفس جي خاطر جهڳڙو ڪرڻ ڪان مسلمان ڪي بچڻ گهرجي ايستائين جو ڪو دل ڏڪائي تڏهن بہ بحث ۽ تڪرار ڪان درگذر ڪان ڪم وٺندي جهڳڙي ڪان پري رهڻ ۾ ئي ڀلائي آهي. آخري نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جن

جو فرمان آهي: ”جيڪو حق تي هجڻ جي باوجود جهڳڙو نٿو ڪري، ان لاءِ مان جنت جي (اندرئين) ڪناري ۾ هڪ گهر جو ضامن آهيان.“

(ابوداؤد ج 4 ص 332 حديث 4800)

## مسلمان ڪنهن کي چوندا آهن؟

مسلمانن کي پاڻ ۾ وڙهڻ سان ڪهڙو مطلب واسطو؟ هي ته هڪ ٻئي جا محافظ هوندا آهن. جيئن ته فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ڪامل مسلمان اهو آهي جنهن جي زبان ۽ هٿ سان ٻين مسلمانن کي تڪليف نه پهچي ۽ ڪامل (يعني پورو) مهاجر اهو آهي جيڪو هر ان شيءِ کي ڇڏي ڏئي جنهن کان الله پاڪ منع فرمايو آهي. (بخاري ج 1 ص 10 حديث 10)

هن حديث پاڪ جي وضاحت ۾ حضرت الحاج مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته ”ڪامل (يعني پورو) مسلمان اهو آهي جيڪو لغتًا ۽ شرعاً (يعني لفظي ۽ شرعي اعتبارسان) هر طرح سان مسلمان هجي، اهو مومن آهي جيڪو ڪنهن مسلمان جي گِلا نه ڪري، گار طعنو نه ڏئي چغلي وغيره نه ڪري، ڪنهن کي ماري نه ۽ نه ئي ڪنهن جي خلاف ڪا تحرير لکي، وڌيڪ فرمائن ٿا: ته” ڪامل مهاجر اهو مسلمان آهي جيڪو پنهنجي وطن کي ڇڏڻ سان گڏ گناهه به ڇڏي ڏئي يا گناهه ڇڏڻ به لغوي لحاظ سان هجرت (يعني لَڏڻ) آهي جيڪا سدائين جاري رهندي “. (مرآة المناجيح ج 1 ص29 )

مديني جي سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڪنهن مسلمان لاءِ جائز نه آهي ته ٻئي مسلمان ڏانهن اک سان اهڙي طرح اشارو ڪري جو ان کي تڪليف پهچي. (الزهد لابن المبارک ص 240 حديث 689) هڪ ٻي جاءِ تي ارشاد فرمايائون: ڪنهن مسلمان لاءِ جائز ناهي ته ڪنهن مسلمان کي خوفزده ڪري. (ابوداؤد ج 4 ص 391 حديث 5004)

## مسلمان کي ايذا ڏيڻ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! يقينًا حقوق العباد جو معاملو تمام نازڪ آهي، پر افسوس! اڄڪلهه لاپرواهيءَ جو دور آهي، عوام ته عوام ڪڏهن

ڪڏهن خاص نظر اچڻ وارا ماڻهو بہ ان کان غافل رهندا آهن، ڪاوڙ جي غير ضروري اظهار جو مرض عام آهي، ڪاوڙ جي ڪري اڪثر خواص (يعني خاص صاحب بہ) ماڻهن جي دل ڏُکائي ويهندا آهن ۽ ان گناهہ جي طرف بلڪل بہ ڌيان ناهي هوندو. يقيناً ڪنهن مسلمان جي بغير ڪنهن شرعي عذر جي دل ڏکائڻ وڏو گناهہ، حرام ۽ جهنم جي طرف وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت آهي: مَنْ اٰذیٰ مُسْلِمًا فَقَدْ آذَانِي، وَمَنْ أَذَانِي فَقَدْ أَذَى الله، يعني : جنهن (بلا شرعي اجازت) ڪنهن مسلمان کي تڪليف ڏني ان مون کي تڪليف ڏني ۽ جنهن مون کي تڪليف ڏني ان الله کي ايذاءُ پهچايو. (معجم اوسط ج 2 ص 387حديث3607)

الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ايذاءُ (يعني تڪليف ڏيڻ) ڪافرن جو تمام برو طريقو آهي.

الله پاڪ 22 هين سيپاري جي سورت احزاب آيت 57 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ الَّذِیْنَ یُؤْذُوْنَ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فِی الدُّنْیَا وَ الْاٰخِرَةِ وَ اَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا مُّهِیْنًا.

كنزالعرفان: بيشڪ جيڪي الله ۽ ان جي رسول کي تڪليف ڏين ٿا انهن تي دنيا ۽ آخرت ۾ الله لعنت فرمائي ڇڏي آهي ۽ الله انهن جي لاءِ رسوا ڪرڻ وارو عذاب تيار ڪري رکيو آهي.

## برو چرچو ڪرڻ عذاب جو ڪارڻ آهي

خاص ڪري مبلغ ۽ بالخصوص سُني عالم جي ڪنهن خامي يا خطاء کي ڪنهن جي سامهون ظاهر ڪرڻ يا ماڻهن ۾ ان کي عام ڪرڻ نيڪيءَ جي دعوت ۽ اسلام جي تبليغ جي معاملي ۾ تمام برو ۽ دنيا ۽ آخرت جي لاءِ سخت نقصان ڪار آهي .

منهنجا آقا اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ فرمائن ٿا: ۽ اهل سنت کان خدا جي تقدير سان جيڪا اهڙي وڏي غلطي ٿئي تہ ان کي لڪائڻ واجب آهي، جو مَعاذَالله ماڻهو ان کان بد ظن ٿيندا تہ جيڪو فائدو ان جي تقرير ۽ تحرير مان اسلام

۾ سُنّت کي پهتو هو ان ۾ خلل (يعني رخنو) واقع ٿيندو ، اُن جي اشاعت (يعني عام ڪرڻ)، اشاعتِ فاحشہ (يعني يعني برائي بيان ڪرڻ) قرآن پاڪ جي قطعي نص سان حرام آهي . الله پاڪ فرمائي ٿو:

اِنَّ الَّذِیْنَ یُحِبُّوْنَ اَنْ تَشِیْعَ الْفَاحِشَةُ فِی الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا لَهُمْ عَذَابٌ اَلِیْمٌ فِی الدُّنْیَا وَ الْاٰخِرَةِ

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ جيڪي ماڻهو چاهن ٿا تہ مسلمانن ۾ بي حيائي جي ڳالهہ پکڙجي انهن جي لاءِ دنيا ۾ آخرت ۾ درد ناڪ عذاب آهي.

(سيپارو 18 سورت النور آيت 19 )

خصوصاً جڏهن تہ هُو الله پاڪ جي طرف بغير ڪنهن عذر و تامُّل جي(يعني حيلي بهاني جي بغير) رجوع ڪري چُڪا.

رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”مَنْ عَيَّرَ أَخَاهُ بِذَنْبٍ لَّمْ يَمُتْ حَتَّى يَعْمَلَهُ جنهن پنهنجي ڀاءُ کي ڪنهن گناهہ تي شرمسار ڪيو اهو مرڻ کان پهريان ان گناهہ ۾ مبتلا ٿيندو". (ترمذي ج 4 ص 226 حديث 2513 فتاوى رضويه ج 29 ص 594)

ڪجھ ماڻهو ڪافي جهگڙالو طبيعت جا هوندا آهن، اجائي تنقيد ڪندا آهن، ڳالهہ ڳالهہ تي فسادَ برپا ڪندا آهن ۽ مسلمانن لاءِ اذيت جو سبب بڻجندا رهندا آهن، اهڙن ماڻهن کي ڊڄڻ گهرجي جو تہ سيپاري 30 سورت البروج جي 10 هين آيت سڳوري ۾ الله پاڪ جو ارشاد آهي:

اِنَّ الَّذِیْنَ فَتَنُوا الْمُؤْمِنِیْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتِ ثُمَّ لَمْ یَتُوْبُوْا فَلَهُمْ عَذَابُ جَهَنَّمَ وَ لَهُمْ عَذَابُ الْحَرِیْقِ.

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ جن مسلمان مردن ۾ مسلمان عورتن کي آزمائش ۾ مبتلا ڪيو پوءِ توبهہ نہ ڪئي انهن جي لاءِ جهنم جو عذاب آهي ۽ انهن جي لاءِ باهہ جو عذاب آهي .

## فتنو جاڳائڻ واري تي لعنت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم آهي : ”فتنو سُتل هوندو آهي، ان تي الله پاڪ جي لعنت جيڪو ان کي جاڳائي.“ (الجامع الصغير ص 370حديث 5975 ، تاريخ قزوين للمرافعي ج 1 ص 291)

# دشمن کي دوست بنائڻ جو قرآني نسخو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هي اصول ياد رکو ته نجاست کي نجاست سان نه پر پاڻيءَ سان پاڪ ڪبو آهي، تنهنڪري جيڪڏهن ڪو ماڻهو توهان سان بدسلوڪي ڪري ٿو، تڏهن به توهان ان سان محبت ڀريو سلوڪ ڪرڻ جي ڪوشش فرمايو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جو سنو نتيجو ڏسي توهان جي دل ٺري پوندي .

خدا پاڪ جو قسم! اهي ماڻهو وڏا خوش نصيب آهن جيڪي سِرَ جو جواب پٿر سان ڏيڻ بدران ظالم کي معاف ڪندا آهن ۽ برائي کي چڱائي سان دور ڪندا آهن. برائي کي چڱائي سان ٽارڻ جي ترغيب قرآن پاڪ ۾ موجود آهي، جيئن ته 24 هون سيپارو سورت حم السجده جي 34 هين آيت ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

اِدْفَعْ بِالَّتِیْ هِیَ اَحْسَنُ فَاِذَا الَّذِیْ بَیْنَكَ وَ بَیْنَهٗ عَدَاوَةٌ كَاَنَّهٗ وَلِیٌّ حَمِیْمٌ.

برائي کي ڀلائي سان دور ڪيو ته توهان ۾ جنهن شخص جي وچ ۾ دشمني هوندي ته ان وقت اهو ائين ٿي ويندو جو ڄڻ گهاٽو دوست آهي.

## سهڻي سلوڪ جو نتيجو

حضرت علامه مولانا سيد محمد نعيم الدين مرادآبادي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه "خزائن العرفان" شريف ۾ برائي کي نيڪيءَ سان ٽارڻ جو طريقو بيان ڪندي فرمائن ٿا: مثلاً ڪاوڙ کي صبر سان، جَهل کي علم (يعني جهالت کي نرميءَ) سان، بدسلوڪي کي معافي سان جو جيڪڏهن ڪو توسان برائي ڪري ته معاف ڪر. (ته) ان خوبيءَ جو نتيجو اهو ٿيندو جو دشمنَ دوستن وانگر پيار ڪرڻ لڳندا. شان نزول: چيو ويو آهي ته هي آيت ابو سفيان جي حق ۾ نازل ٿي جو ان جي سخت دشمني جي باوجود رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سنو سلوڪ

ڪيو. ان جي نياڻيءَ حضرت اُمّ حبيبہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا سان پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نڪاح فرمايو، ان جو نتيجو اهو نڪتو جو اهي صادقُ المَحَبَّت يعني سچا پيار ڪرڻ وارا جانثار (صحابي) بڻجي ويا. (خزائن العرفان ص 884 التفسير الوسيط للواحدي ج ٤ ص ٣٦)

## برائي ڪي ڀلائيءَ سان ٽارڻ جا ۾ مثالَ

## (1) عام معافيءَ جو اعلان

فتح مڪ جي موقعي تي اتان جي قريش قبيلي جا سردار ۽ عام ماڻهو حرمِ ڪعبہ ۾ گڏ ٿيا، هي ماڻهو اهي ئي هئا جيڪي مسلسل 21 سالَ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا جاني دشمن رهيا هئا، صحابہ ۽ صحابياڻين عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان کي تمام گهڻو ڏڪايو هئائون، اللہ پاڪ جي پياري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ ان جي اصحاب سڀني کي هجرت ڪرڻ تي مجبور ڪيو هئائون، هي اهي ظالم ماڻهو هئا جن اسلام ۽ مسلمانن کي ختم ڪرڻ لاءِ مسلمانن تي حملا ڪيا ۽ ڪيئي جنگيون وڙهي چڪا هئا ۽ اڄ اُهي ماڻهو نبي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زبان مبارڪ مان پنهنجي قسمت جو فيصلو ٻڌڻ لاءِ مٿو جهڪائي حاضر هئا. نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن ماڻهن کي فرمايو: توهان جو ڇا خيال آهي مان توهان سان ڪهڙو سُلوڪُ ڪرڻ وارو آهيان؟ ماڻهن عرض ڪيو: "سهڻو سلوڪ ڪندا." رحمت واري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مان اهو چوندس جيڪو يوسف عَلَیۡہِ السَّلَام چيو هو

لَا تَثۡرِیۡبَ عَلَیۡکُمُ الۡیَوۡمَ ؕ یَغۡفِرُ اللّٰہُ لَکُمۡ ۫ وَ ہُوَ اَرۡحَمُ الرّٰحِمِیۡنَ ۔ (سيپارو 13 يوسف92)

ڪنزالعرفان: اڄ توهان تي ڪا ملامت نہ آهي، اللہ توهان کي معاف ڪري ۽ اهو سمورن مهربانن کان وڌيڪ مهربان آهي. (السنن الکبریٰ للبیهقي ج 9 ص 199 حديث 18275 خلاصو)

خار ڇهانے والوں کو بھی پھولوں کا انعام دیا
آپ نے خون کے پیاسوں کو بھی راحت کا پیغام دیا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (2) مارڻ واري کي معاف ڪري ڇڏيائون

ڪرڙين مالڪين جي عظيم پيشوا ۽ مشهور عاشق رسول حضرت امام مالڪ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه کان مديني شريف جو گورنر جعفر بن سليمان ناراض ٿيو ۽ سزا طور حضرت امام مالڪ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه کي ڪوڙا (يعني چابڪ) لڳايا ويا. (جڏهن جڏهن چابڪ لڳي پيو سندن زبان مبارڪ مان هي دعا نڪري پئي: اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لَهُمْ فَاِنَّهُمْ لَايَعْلَمُوْن. يعني: ياالله پاڪ! انهن ماڻهن کي معاف فرمائي ڇڏ ڇو تہ اهي حقيقت نٿا ڄاڻن. ( (ترتيب المدارک للقاضي عياض ج ١ ص ١٢٥) ) ايستائين جو پاڻ بيهوش ٿي ويا . انهي حالت ۾ ماڻهو ڪيس گهر وٺي آيا، جيئن هوش ۾ آيا تہ فرمايائون: ”اي انسانؤ! شاهد رهو تہ مون پنهنجي مارڻ واري کي معاف ڪري ڇڏيو آهي". (الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ ج2، ص51) الله پاڪ جي ان تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

سلام اُن پر برائے نفس جو بدلہ نہ لیتے تھے
سلام ان پر جو دشمن کو دعائے خیر دیتے تھے

## معافيءَ متعلق الله پاڪ جا فرمانَ

عفو ۽ در گذر ڪرڻ متعلق سيپارو 9 سورت الاعراف جي آيت 199 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

خُذِ الْعَفْوَ وَ اْمُرْ بِالْعُرْفِ وَ اَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِيْنَ

**ترجمو ڪنزالعرفان:** اي حبيب! معاف ڪرڻ اختيار ڪر ۽ ڀلائي جو حڪم ڏي ۽ جاهلن کان منهن موڙ.

## جنت ماڻڻ جا ٽي نسخا

حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ٽي ڳالهيون جنهن ۾ هونديون تہ الله تعاليٰ ان کان (قيامت جي

ڏينهن) تمام آسانيءَ سان حساب وٺندو ۽ ان کي پنهنجي رحمت سان جنت ۾ داخل ڪندو. مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي ڳالهيون ڪهڙيون آهن؟ پاڻ فرمايائون: (1) جيڪو توسان تعلق ٽوڙي تون ان سان جوڙ (2) جيڪو توکي محروم ڪري تون ان کي عطا ڪر (3) جيڪو توتي ظلم ڪري ان کي معاف ڪر. (معجم اوسط جلد 1 ص 263 حديث(909)

## بهادري

حضرت ابو عبدالله محمد بن احمد مقري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ: ”پنهنجي دشمن سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ، ناپسند ماڻهوءَ تي مال خرچ ڪرڻ، ۽ جيڪو ماڻهو دل کي نہ وڻي تنهن سان سٺا تعلقات رکڻ بهادري آهي.“

(طبقات الصوفيه للسلمى ص ٣٤٨)

## الله پاڪ صُلح ڪرائيندو

الله جي پياري پياري سڀ کان آخري نبي مڪي مدني محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: منهنجي امت مان بہ ماڻهو الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ گوڏن ڀر ڪري پوندا ، انهن مان هڪ چوندو: ” اي الله پاڪ! مون کي هن کان انصاف ڏيار جو هن مون تي ظلم ڪيو هو .“ الله پاڪ مُدَّعِي (يعني دعوا ڪندڙ) کي فرمائيندو تہ: هاڻي هي (يعني جنهن تي دعويٰ ڪئي وئي آهي اُهو) ڇا ڪري؟ اُن وٽ تہ ڪا بہ نيڪي باقي نہ آهي. مظلوم (مُدَّعِي) عرض ڪندو: منهنجا گناهہ اُن جي ذمي وجهو. ايترو چوڻ کان پوءِ رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روئي ڏنو. پاڻ فرمايائون: اهو ڏينهن تمام وڏو ڏينهن هوندو، جو تہ ان وقت (يعني قيامت جي ڏينهن) هر هڪ ان ڳالهہ جو ضرورت مند هوندو تہ ان جو بار هلڪو ٿئي. الله پاڪ مظلوم (يعني مدعي کي) فرمائيندو تہ: ڏس تنهنجي سامهون ڇا آهي؟ چوندو : اي رب ! مون کي پنهنجي سامهون سون جا شهر ۽ موتين سان سينگاريل محل نظر اچي رهيا آهن، هي ڪنهن نبيءَ لاءِ آهن يا صديق يا

شهيد لاءِ آهن؟ الله پاڪ فرمائيندو: هي ان لاءِ آهن جيڪو انهن جي قيمت ادا ڪري. اهو عرض ڪندو: ڪير انهن جي قيمت ادا ڪري سگهي ٿو؟ الله پاڪ فرمائيندو: تون ادا ڪري سگهين ٿو. چوندو: ڪيئن؟ الله پاڪ فرمائيندو: اهڙي طرح جو تون پنهنجي ڀاءُ جا حق معاف ڪرين. ٻانهو عرض ڪندو: ياالله پاڪ! مون حقَ معاف ڪيا. الله فرمائيندو: پنهنجي ڀاءَ جو هٿ پڪڙ ۽ گڏجي جنت ۾ هليا وڃو. پوءِ سرڪارعالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: الله کان ڊڄو ۽ مخلوق ۾ صُلح ڪرايو، ڇوته الله پاڪ بہ قيامت جي ڏينهن مسلمانن ۾ صُلح ڪرائيندو. (المستدرک جلد 5 ص 795 حديث: 8758)

اي عاشقان رسول! بيان ڪيل حديث پاڪ مسلمانن جي وچ ۾ صلح ڪرائڻ جي سُنت الٰهي ۽ صلح جي ترغيب ڏيڻ لاءِ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت جي خوشبوءِ سان مهڪي رهي آهي . الله پاڪ 26 هين سيپاري جي سورت الحجرات جي ڏهين آيت سڳوريءَ ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ اِخْوَةٌ فَاَصْلِحُوْا بَيْنَ اَخَوَيْكُمْ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ(10)

**ترجموڪنزالعرفان:** مسلمان تہ صرف ڀائر آهن پوءِ پنهنجي ٻن ڀائرن ۾ صلح ڪرائي ڇڏيو ۽ الله کان ڊڄو تہ جيئن توهان تي ٻاجھہ ڪئي وڃي.

## صلح ڪرائڻ هڪ سنت آهي

قرآن پاڪ جي حڪم سان گڏوگڏ الله پاڪ جي آخري نبي حضرت محمد عربيءَ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ سُنّت بہ اسان کي صلح ڪرائڻ جو عملي نمونو عطا فرمائي رهي آهي. جيئن تہ حضرت علامہ مولانا سيد محمد نعيم الدين مرادآبادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه "خزائن العرفان" صفحو 949 تي لکي ٿو تہ: رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (سواريءَ جي جانور) گڏھ تي ڪنهن طرف وڃي رهيا هئا تہ انصار وٽان گذريا، ٿوري دير اتي ترسيا، ان جاءِ تي گڏھ مبارڪ پيشاب ڪيو تہ اِبْنَ اُبَي پنهنجو نڪ بند ڪري ڇڏيو .حضرت عبدالله بن رواحہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو تہ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گڏھ جو پيشاب

تنهنجي مشڪ کان وڌيڪ خوشبودار آهي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ اتان هليا ويا. انهن ٻنهي جي گفتگو وڌي وئي ۽ ٻنهي جون قومون پاڻ ۾ وِڙهي پيون ۽ ڳالھ ٺڪاٺڪي تي پهچي وئي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واپس آيا ۽ ٻنهي جي وچ ۾ صلح ڪرايائون. ان معاملي ۾ هيءَ آيت نازل ٿي:

وَاِنْ طَآىِٕفَتٰنِ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اقْتَتَلُوْا فَاَصْلِحُوْا بَيْنَهُمَا (پ26 حجرات آيت نمبر9)

**ترجموڪنزالعرفان:** ۽ جيڪڏهن مسلمانن جا ٻہ ٽولا پاڻ ۾ وڙهي پون تہ توهان انهن ۾ صلح ڪرائي ڇڏيو. (خزائن العرفان ص ٩٤٩ تفسير كشاف ج ٤ ص ٣٦٤)

هڪ ٻي جاءِ تي صلح جي ترغيب ڏياريندي سيپاري 5 سورت النساء جي آيت 128 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو :

وَ الصُّلْحُ خَيْرٌ ؕ وَ اُحْضِرَتِ الْاَنْفُسُ الشُّحَّ.

**ترجموڪنزالعرفان:**۽ صلح بهتر آهي ۽ دل کي لالچ جي ويجهو ڪيو ويوآهي.

## صُلح ڪرائڻ لاءِ تشريف وٺي ويا

بخاري شريف ۾ آهي: صحابيءِ رسول حضرت سهل بن سعد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا: قباء ۾ بني عمرو بن عوف جي ماڻهن ۾ جهيڙو ٿي پيو تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ڪجھ صحابن سان گڏ انهن جي وچ ۾ صُلح ڪرائڻ لاءِ تشريف وٺي ويا. (بخاري ج ١ ص ١ ، حديث ١٢١٨)

## امام حسن رَضِيَ اللهُ عَنْهُ صُلح ڪرائي

انهن آيتن سڳورين تي عمل ۽ صلح ڪرائڻ جي سنت جي سُهڻن رنگن سان اسان جي بزرگن جي مبارڪ سيرت خوب رنگيل آهي، هي بزرگَ مسلمانن ۾ اَمُن ۽ سلامتيءَ جا گُل وکيرڻ لاءِ وڏي کان وڏي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار رهندا آهن. جيئن تہ ان جو هڪ واضح مثال حضرت امام حسن مجتبیٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ آهن جن جي باري ۾ اسان جي رحمت واري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هيئن غيب جي خبر ڏيندي فرمايو: منهنجو هي فرزند سيد (يعني سردار) آهي

۽ الله پاڪ ان جي ذريعي مسلمانن جي ٻن گروهن (گروپن) ۾ صُلح ڪرائيندو. ( بخاري ج ٢ ص ٥٠٩ حديث ٣٦٢٩)

جيئن تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پنهنجي والد بزرگوار مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت مولا علي المرتضيٰ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي شهادت کان پوءِ 6 مهينا ۽ ڪجھ ڏينهن خلافت جي منصب تي قائم رهيا ۽ پو مسلمانن جي ٻن گروهن ۾ ناھُ ڪرائڻ جي لاءِ خلافت جهڙي عظيم منصب تان دستبردار ٿيا .

## نفل نماز وغيره کان افضل ڪم

پيارا اسلامي ڀائرو ! حقيقت ۾ اِصلاحُ بَيْنَ النّاس (يعني ماڻهن جي وچ ۾ صلح ڪرايو) جي مطابق عمل ڪرڻ تمام عظيم ڪم آهي. جيئن تہ حضرت ابو درداء رَضِیَ اللہُ عَنْہُ چون ٿا تہ حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ڇا مان اوهان کي روزي، صدقي ۽ نماز کان افضل عمل نہ ٻڌايان؟ صحابہ ڪرام عرض ڪيو: ڇو نہ؟ پاڻ فرمايائون: اهو ڪم پاڻ ۾ صلح ڪرائڻ آهي ۽ پاڻ ۾ معاملي جي خرابي تعلق ختم ڪرڻ واري آهي.

(ترمذي، جلد4 ، ص228 ، حديث،2517)

حديث جي شرح: مِرآت ۾ آهي: هتي نفلي روزو، نفلي صدقو (۽) نفلي نماز مراد آهي، نڪي فرض نمازون ۽ هن حصي "۽ پاڻ ۾ معاملي جي خرابي تعلق ختم ڪرڻ واري آهي. " جي وضاحت ۾ فرمائن ٿا : مسلمانن جي باهمي رشتن کي خراب ڪرڻ، ڀلائين، ثوابن کي ختم ڪرڻ واري شيءِ آهي. ان جي نحوست جي ڪري انسان روزي نماز جي لذت کان بلڪ پاڻ بہ روزي، نماز، وغيره ٻين عبادت کان محروم ٿي ويندو آهي

(مرآت ج 6 ص 614 مان خلاصه).

## هر لفظ جي بدلي ۾ ثواب

فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو شخص ٻن ماڻهن جي وچ ۾ صلح ڪرائي تہ الله پاڪ ان جي معاملن کي درست ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ان کي

هر لفظ جي بدلي ۾ هڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ملندو ۽ هُو ائين واپس ايندو جو ان جا گذريل گناهه معاف ٿي ويندا آهن.

(الترغيب و ترهيب از الاصبحاني جلد 1 ص 155 حديث 186)

## سٺو اسلامي ڀاءُ ڪير آهي؟

ڏٺو توهان! ماڻهن ۾ ناهه ڪرائڻ ڪيڏو وڏو فضيلت وارو ڪم آهي. پوءِ اهو ڪيڏو نه سٺو ۽ ڀلو انسان آهي جيڪو پنهنجي ننڍن تي شفقت ڪندو ۽ پنهنجن وڏن جي عزت ڪندو، ۽ سيني جو ڀلو چاهيندو آهي ۽ سيني سان خير خواهي ڪندي پنهنجي صاف سٿري ڪردار ۽ نيڪ گفتار (يعني سٺي گفتگو) سان مسلمانن جي باهمي ناراضگين کي ختم ڪرائڻ ۽ انهن ۾ صُلح ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

## صلح ۾ خير خواهي آهي جي 16 اکرن جي نسبت سان 16 نيتون.

ٻه مدني گل: (1) عملن جو دارومدار نيتن تي آهي (2) جيتريون سٺيون نيتون هونديون اوترو وڌيڪ ثواب، پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن توهان هي رسالو ”ناراضگين جو علاج “پورو پڙهيو آهي ته غالباً توهان جي دل ۾ ڏک لڳو هوندو، همت ڪيو ۽ الله پاڪ جي رضا لاءِ هيٺ ڏنل 16 نيتون ڪري وٺو جو فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: نِيَّةُ الْمُؤمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ. يعني ”مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.“

( معجم كبير جلد 6 ص 185 حديث5942 )

(1) مان پنهنجي ناراض اسلامي ڀائرن ۽ (2) رُٺل مائٽن سان اڳتي وڌي الله پاڪ جي رضا جي لاءِ ناهه ڪندس (3) گذريل خطائن تي ڪنهن کي شرمسار نه ڪندس. (4) ٻُڌل ٻڌايل ڳالهين ۾ اچي ڪري ڪنهن سان تعلق خراب نه ڪندس (5) بدگمانين (6) عيب ڪڍڻ (7) دل ڏکائڻ (8) غيبتن (9)

چغلين (10) الزام تراشين ۽ شماتتن (يعني ڪنهن جي نقصان تي خوش ٿيڻ) ڪان بچندو رهندس (11) غيبت ۽ چغلين ٻڌڻ ڪان بچندس (12) جيترو ٿي سگهيو اسلامي ڀائرن جي وچ ۾ صلح ڪر ائڻ جي ڪوشش ڪندس (13) جنهن جنهن منهنجي دل ڏکائي الله جي رضا لاءِ ان کي معاف ڪريان ٿو (14) جيڪو آينده منهنجي دل ڏکائي مان اڳواٽ ان کي پنهنجو حق معاف ڪريان ٿو (ياد رهي! تہ اڳواٽ معاف ڪرڻ واري مسلمان جي بغير شرعي اجازت دل ڏکائڻ وارو الله پاڪ جي نافرمانيءَ جي مصيبت ۾ گرفتار ٿيندو) (15)جيڪو بہ مون سان برائي ڪندو، قرآني حڪم تي عمل ڪندي سان چڱائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. (16) هي رسالو (ناراضگين جو علاج) گهٽ ۾ گهٽ 12 جي تعداد ۾ تقسيم ڪندس (خاص طور پنهنجي مائٽن ۽ انهن مسلمانن تائين پهچايو جن جون پاڻ ۾ ناراضگيون آهن.)

ياالله پاڪ! اسان سيني کي پيار محبت سان رهڻ ۽ شريعت جي دائري ۾ رهندي صُلح ڪرائڻ جو ثواب حاصل ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ، وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖنَ۔

# غربت تي صبر جو انعام

حضرت حسن بن حبيب رحمۃ اللہ علیہ (وفات 197 هجري) کي کنهن وفات کان پوءِ خواب ۾ ڏسي پڇيو: مَا فَعَلَ اللّٰهُ بِكَ، يعني الله پاڪ توڪان ڇا معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائين: غَفَرَلِیْ بِصَبْرِیْ عَلَى الْفَقْرِ فِی الدُّنْيَا، يعني الله پاڪ مون کي دنيا ۾ فقر(يعني تنگدستي) تي صبر جي سبب بخش ڪري ڇڏيو.

(الصبروالثواب عليہ لابن ابي الدنيا، قول نمبر 92)

فيضان مدينه، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN +92 21 111 25 26 92   0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net